بيان تاريخي حالات

حضرت امام اعظم عنه

ابو حنيفه رضي الله تعالى عنه

تاليف حضرت خواجه حبيب الله جان فاروقي

المعروف به حضرت شاه آغا صاحب مجددي رحمة الله

تعالى عليه

۷۸۶
۹۲

حضرت امام اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ

69
49

تألیف

عمدة العلماء قدوة الاتقیاء زبدة الاولیاء حضرت قبلہ

خواجہ عبد اللہ جان فاروقی المعروف بہ حضرت شاہ آغا

مجددی سرہندی معصومی قیومی قدس سرہ العزیز

راقم الحروف

فقیر عبد الرحیم مجددی عفی عنہ

۹.۹.۱۹۸۷

[illegible]

# باب پهريون منجهه بيان تاريخي حالات ۽ اخلاق وعادات امام صاحب جي

امام صاحب جو نالو نعمان ڪنيت ابوحنيفه. مگر دنيا ۾ امام
اعظم جي لقب سان مشهور آهي سندس پيءُ جو نالو ثابت
آهي سندس ڏاڏي جو اصل نالو زوطيٰ (بروزن صغريٰ وڪبريٰ)
آهي مگر پوءِ عرب ۾ معروف نعمان سان ٿيو آهي انهيءَ سبب
ڪري ڪن مورخن سندس نالو زوطيٰ لکيو آهي ۽ ڪن عرفي
نالي سان نعمان ڪري لکيو آهي مطلب ته سندس نالا "زوطيٰ" ۽
"نعمان" امام صاحب جي ڏاڏي جا آهن اگرچه ڪن مورخن
جي روايت موجب امام صاحب عربي النسل آهي ۽ انهيءَ ثابت
لاءِ بي سود ڪوشش به ڪئي اٿن مگر حقيقت ڪري صحيح
روايت موجب پاڻ فارسي النسل آهي ۽ شاهي خاندان ايران سان
سندس تعلق آهي ۽ بادشاهن ايران جي اولاد مان آهي خود
امام صاحب جي پوٽي اسماعيل بن حماد جو بيهجو شجرو سان
ڪيو آهي سوئي صحيح ۽ معتبر آهي جو ته صاحب البيت
ادريٰ بما في البيت يعني اسماعيل بن حماد بن ابوحنيفه
نعمان بن ثابت بن نعمان بن مرزبان باقي مٿي سلسله

شجره جو حضرت آدم تائين مورخن ڪتابن ۾ لکيو آهي جنهن ۾ نالن
۾ ۽ تعداد ۾ گهڻو اختلاف آهي هڪڙي روايت هن طرح آهي ته
امام ابو حنيفه نعمان بن ثابت بن نعمان بن مرزبان بن ثابت
بن قيس بن يزدجرد بن شهريار بن پرويز بن نوشيروان
بن قباد بن فيروز بن يزد جرد بن بهرام گور بن شاپور بن
هرمز بن نرسي بن بهرام بن اردشير بن بابڪ بن بهمن بن
ساسان بن بهمن بن اسفنديار بن گشتاسب بن لهراسب
بن بهمن بن ڪيقباد بن داراب بن طهماسپ بن نمرود بن
ڪنعان بن آدم بن سام بن نوح عليه السلام بن لامڪ بن
متوشلخ بن اخنوخ بن مارد بن مهلائيل بن قينان بن انوش بن
شيث بن آدم عليه السلام

اگرچ قديم زماني جو پورو پورو شجره ثابت ڪرڻ مشڪل آهي
۽ زماني جي انقلابن ڪري اختلاف هجڻ ۽ نالن ۾ فيرقار ۽ گهٽ
وڌ ٿيڻ ضروري آهي خصوصا اهل عجم جو تنهن ڪري انهن تحقيق
۾ مغز خوري ڪرڻ عبث آهي في الحقيقت هي سڀ يعني علم ۽
عقل ۽ دين ۽ تقوي ۽ فضيلت ۽ شرافت خدا جي ذات آهي
ڪنهن جي اصل نسل يا ذات تي بيٺل نه آهي جنهن لئي لکي

مغرا

تفصيل ڏئي ٿي

۽ ڪاملن جو چوڻ آهي-

بهرحال مطلب ته امام صاحب جو ڏاڏو زوطي فارس جي ملڪ جو ٻانهي النسل ماڻهون هو جنهن مهل اهو ملڪ ايران جو اسلام جي قبضي ۾ آيو ۽ اهل اسلام جي هٿن سان تڪ لاڳاپو پيدا ٿيو ۽ ڪوفه جو شهر جي ملڪن جي وسطي ٿي تيار ٿيو ۽ خلافت جو پاي تخت ٿيو ۽ علم ۽ هنر ۽ تجارت سان مجموع ۽ مشهور ٿيو ۽ ماڻهون ملڪن ملڪن جا اچي ماڻهس آباد ٿيا اهڙي وقت ۾ زوطي به اسلام جو شوق ڪري يا تجارت جي مدنظر ڪري يا ٻين سببن ڪري اهڙي شهر ۾ رهڻ رکيو ۽ پنهنجو ملڪ ڇڏي اچي ڪوفه ۾ سڪونت اختيار ڪئي جي اهو مبارڪ وقت ۽ موچارو زمانو هو جو امير المومنين باب مدينة العلم شاه ولايت مآب حضرت علي شاه ڪرم الله وجهه ڪوفه ۾ مسند آرائي اورنگ خلافت هو ۽ زوطي به سندن خدمت ۾ حسن عقيدت سان حاضر ٿيندو هو ۽ سندن صحبت بابرڪت ڪان بهره اندوز ٿيندو رهندو هو.

تي تمام سخت ۽ بيرحم ۽ جابر ھئا جھڙيءَ طرح حجاج عراق ۽ حجاز تي پاڻ سنڌ تي
محمد بن يوسف يمن تي مھلب خراسان تي موسى بن نصير مغرب تي محمد مروان
جزيره تي وڏا بيرحم

مطلب ته عبدالملڪ ٢١ سال پندره ڏينھن بادشاھي ڪري ۽ زبردست حڪومت جو
پڪو بنياد ڄمائي شوال سنه ٨٦ ۾ مري ويو ۽

## وليد بن عبدالملڪ بن مروان

سندس پٽ جاءِ نشين ٿيو وڏي دٻدٻي وارو زبردست بادشاھ ھو قرآن
شريف جو ختمون ٽن ٽن ڏينھن ۾ پڙھندو ھو رحم دل ھو ۽ سخي ھو. انڌن
منڊن ۽ اپاھجن لاءِ روزينا مقرر ڪيا ھوا ۽ جامع مسجد اموي جا دمشق ۾
عاليشان بي نظير مسجد مشھور آھي سا دنيا ۾ سندس يادگار آھي ۽ سندس
خلافت ۾ گھڻا ملڪ جھڙيءَ طرح سنڌ ھند اندلس وغيره فتح ٿيا. نوَ
سال اٺ مھينا حڪومت ڪري ١٥ جمادي الآخر سنه ٩٦ جي "دير مروان" ۾
مري ويو ۽ سندس ڀاءُ

## سليمان بن عبدالملڪ بن مروان

سندس جاءِ نشين ٿيو. نھايت فصيح بليغ اديب غازي عادل ۽
ديندار بادشاھ ھو خوبصورت بنھايت ھو. اڳوڻن مرواني بادشاھن جا
جيڪي ظالم گورنر ملڪن ۾ مقرر ھوا سي معزول ڪيائين ۽ انھن مظالم

ارمان مان هڪ ڏينهن جي اندر پاڻ پنيانس مري ويو. بهرحال هي ٻه چار ورهيه هڪ مهينو حڪومت جو دور هلائي شعبان ١٠٥ھ مري ويو ۽ تهان پوءِ سندس ڀاءُ

هشام بن عبد الملڪ بن مروان

تخت نشين ٿيو وڏو عقل وارو سياستدان بادشاه هو رنگ جو اڇو بدن جو ٿلهو شڪل جو سهڻو جوان هو حڪومت جو چرخو چڱيءَ طرح هلايائين سندس وقت ۾ ملڪ امن امان ۾ رهيو مگر مال گڏ ڪرڻ جو حرص گهڻو هوس ۽ خرچ کان مسڪ ۽ بخيل هو قدرت جا رنگ ڏسو جو آخر ۾ ڪفن پنهنجو نصيب نه ٿيس يعني سندس مرڻ کان پوءِ سڀ بادشاهي ۽ مال متاع تي وليد بن يزيد قابض ٿيو ۽ هن جو ڪفن دفن قرضي تي پورو ڪيائون ١٩ سال ڪجهه مهينا حڪومت هلائي ٥٣ سال عمر ڀوڳي ڪري ١٢٥ھ ربيع الاول ۾ مري ويو ۽ سندس جاءِ نشين

وليد بن يزيد بن عبد الملڪ

بادشاهه ٿيو جو سندس پيءُ هن کي پنهنجي ڀاءُ هشام کان بعد وليعهد ڪيو هو مگر هشام سندس بد افعالن جي ڪري هن کي لوڏي ترڙي ڪيو هو جڏهن هشام مري ويو ته هو وليعهدي جي ڪري ماڻهن ساڻس بيعت ڪئي ۽ بادشاهي جو تخت نشين ٿيو. شڪل تمام سهڻو ۽ طاقت وارو پهلوان

هٿ جو جوان ۽ سخي هو لڳنڱو جو نهايت فصيح ۽ بليغ ۽ قابل شاعر هو مگر
تمام فاسق ۽ فاجر هو فسق فجور پڻ ان کان ظاهر ظهور ۾ رات ڏينهن شراب
جي نشي ۾ غرق رهندو ۽ ناچ ۽ راڳ روپ سان مشغول هوندو هو انهي حالت جي
هئڻ ڪري تخت تان لاهي قتل ڪيو ويو ۽ ماڻهن جي عبرت لاءِ سندس سر شهر جي
مناري تي آويزان ڪيو ويو هڪ سال ۽ ٽي مهينا بادشاهي ڪري جمادالاول
سنه ١٢٦ ۾ قتل ڪيو ويو ۽ تنهن کان پوءِ سندس سوٽ

## يزيد بن الوليد بن عبدالملڪ الناقص

وليد جي مارجڻ کان پوءِ پاڻ تخت نشين ٿيو ۽ ظاهر اچنگا اخلاق اختيار
ڪيائين بلڪ عمر بن عبدالعزيز جي پيروي ورتائين مگر بادشاهي ۽ عمر سندس
وفا نه ڪئي ڇهن يا پنجن مهينن کان پوءِ پاڻ انهي سال جي ذوالحج مهيني ۾
طاعون جي مرض سان وفات ڪيائين ۽ خلافت جا ڏينهن بگڙ ترم ڪنيا ۽
پورو آرام نه مليس پوءِ سندس ڀاءُ

## ابراهيم بن وليد

سندس وليعهد تخت نشين ٿيو مگر خلافت تي انجا نيڪو رتسلط
نه ٿيو هوس فقط ٻه مهينا ويهه حڪومت جو ذائقو چکيو ۽ مروان بن محمد
سان جنگيون شروع ٿيون جنهن ۾ پاڻ مارجي ويو ۽

مروان الحمار

وڏن مشائخن کان علم حديث جو حاصل ڪري، انهيءَ بصره ڏانهن متوجه ٿيا. بصره
جو شهر به امير المومنين عمر بن الخطاب رضي الله تعالى عنه جي حڪم سان آباد ٿيو. هو علم ۽
فضل ۾ ڪوفي جو مقابل ڄمريل هو ۽ علمائن ۽ مشائخن جو مرڪز هو. دنيا ۾
چار شهر علم ۽ فضل ڪري جهان ۾ ممتاز هوا: مڪه شريف، مدينه منوره،
ڪوفه ۽ بصره. ڪوفو امام صاحب جو ڄمڻ هو، مگر بصره ۾ خاص طرح
وڃي هن وڏن ممتاز محدثن ۽ مشائخن کان علم حديث جو حاصل ڪيائون
۽ ويهه سال لڳاتار حج جي سفر ۾ وڃي خاص مڪه شريف جي علمائن کان، جيڪي
جهان جا مشهور معروف علماء حج جي موقعه تي اچي ايندا هوا، انهن کان
۽ اهڙي طرح مدينه شريف جي علمائن کان علم جو ذخيرو حاصل ڪيائون. اهڙي
طرح انهن چئني شهرن جي نامور محدثن ۽ اڪابر مشائخن کان علم حاصل ڪيو

امام صاحب

جڏهن استاد وٽ وڃي سڳوري پوري ڪئي تڏهن امام صاحب پنج سؤ يا هڪ هزار
روپيه شڪرانه جا نذرانه طور انهيءَ جي خدمت ۾ موڪليا ته شڪرگذاري ڪري جيڪو
ته امام صاحب تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي امام صاحب کي اها ڳالهه نه وڻي چيائين
ته قسم آهي خدا تعالى جو اج مون وٽ زياده ناڻو جيڪو آهي ته آءٌ قربان ڪريان ها
جي ڪهڙي شي آهي جنهن کي اوهان گهڻو ڪري سمجهيو آهي خبردار تو جيڪا تعليم
منهنجي پٽ کي ڏني آهي سا حقير به ۾ قدر ڪري نه ڄاڻ ۽ انجو عوض هن خسيس
قيمت سان نه ڪري سمجهه

شقيق بلخي تو فرمائي ته هڪڙي ڏينهن آئون ۽ امام صاحب ڪنهن شهر جي گهٽي
مان پي وياسين ته هڪڙو شخص جو سامهون پئي آيو اسان کي ڏسي پاسو ڪري
تري ويو جڏهن ويجها وياسين تڏهن امام صاحب سڏ ڪري پڇيس ته
اسان کي ڏسي ڇو پاسو ڪري وئين چيائين آئون فقط شرم کان پاسو ڪري ويس
جو اوهان جا ڏهه هزار درهم مون تي قرض آهن سي آئون ڏيئي نه سگهيو آهيان
امام صاحب چيو وڃ اج ڏينهن کان پوءِ اهي پيسا توکي معاف آهن ۽ اڳتي
ان جو فڪر نه ڪجانءِ

امام صاحب رضي الله تعالى عنه جي پاڙيسري جو ننگ

حديث شريف ۾ آهي ته

پيارا سڳورن

هڪڙي ڳوٺ جي امير امام صاحب کان پڇيو ته اوهين جو اسان ماڻهن کان پري
گذاريندا آهيو ۽ الڳ رهندا آهيو. امام اعظم فرمايو ته ماني جو لولو - ساڏو ڪپڙو
امن امان سان حاصل ٿئي ته انهيءَ عيش کان بهتر آهي جو وري پوءِ پشيماني ڏيکاري
جنهن ڪري ماڻهن واڪا ڪيو آهي

## امام صاحب جو عزم بالجزم ۽ استقلال

عزم راسخ ثابت قدمي ۽ عالي همتي - ڪاميابي ۽ فتحمنديءَ جا اهو جوهر آهي جنهن
جي ڪري انسان اعليٰ مرتبي ڪمال تي پهچي سگهي ٿو ۽ پنهنجي شاندار مقصود ۽ مراد کي
پهچي ٿو. پهچي ويندي جنهن کي استقلال ۽ پڪو ارادو آهي يعني انسان جڏهن ڪو نيڪ
ارادو ۽ چڱي مقصود جي حاصل ڪرڻ جو پڪو خيال ڪري تڏهن انهيءَ کي ڇڏي نه ۽ مضبوط
ٿي بيهي ۽ انهيءَ حاصل ڪرڻ ۾ جيڪي رنج ڪون يا مشڪلات پيش اچن انهيءَ جي
پرواهه ڪري ۽ عالي همتيءَ سان انهي برداشت ڪري تانجو هو پنهنجي منزل مقصود کي
پهچي. امام صاحب جو انهيءَ صفت ۾ اهڙو ڪمال هو جو سندس فيصلا ٿيل ارادو
۽ منشا کان برخلاف سخت واقعات پيش ايندا هئا بلڪ بادشاهن ۽
حاڪمن کان سخت تڪليفون رسنديون هيون تڏهن به امام صاحب جي عزم بالجزم کي

ذرو

ساڻ بہ مناظرو حق جي اظهار لاءِ ڪرڻون تيند وهو جو تمام صفائي ۽ چٽائي ساڻ
هُن کي پنهنجو دليل ذهن نشين ڪرائيندو هو انهيءَ سبب ڪري ته امام مالڪ
رحمة الله عليه امام صاحب جي قوت استدلال جي تعريف هنن الفاظن ساڻ ڪئي آهي
ته لو ڪلمڪ في هذه الساريه حتى ڪه بعضي پنهنجن خاص استاذن ساڻ جنهن
تعظيم ۽ تڪريم امام صاحب بيحد ڪمال رکندو هو مناظره ڪرڻ جا موقعا پيش آيا
آهن جهڙوڪ شعبي ۽ طائوس ۽ عطاء ساڻ اهڙا عجيب عجيب نقل سندس
هن ڪتاب جي چوٿين باب ۾ مذڪور آهن ۽ ٻئي پاسي نقل ڪجن ٿا.
هڪڙي دفعه امام شعبي

امام صاحب جو جامع الفضائل والمحامد والكمالات هجڻ

حضرت عبدالله بن مبارڪ جو مشهور قول آهي ته آئون جڏهن ڪوفه ۾ ويس ان
جي ماڻهن کي علم ۽ زهد ورع ۽ تقويٰ جي باري ۾ پڇيم ته اوهان جي شهر ۾ ڪهڙو
شخص زياده ممتاز آهي سڀني بالاتفاق چيو ته ابوحنيفه جنهن جي صفت باري
پڇندو ويس ته انهن سان ابوحنيفه کي موصوف ۽ معروف چيائون تي
معافي موصلي چيو آهي ته امام صاحب ۾ ڏهه خصلتون اهڙيون موجود هيون ڳالهه ٿيلون
هيون جو جيڪڏهن انهن مان هڪڙي ڪنهن انسان ۾ هجي ته اهو شخص پنهنجي
زماني جو پيشوا ۽ قوم جو رئيس ٿي سگهي - ١ پرهيزگاري ٢ سچائي

[illegible] ٻاجهاري

مظلوم شخص کي تڪليفون ۽ ايذاءَ ڏيڻ جو دنيا کان بالڪل پاسو ڪندا رهيو ۽ ماڻهن جي
ايذائن ۽ ظلمن تي صبر ۽ تحمل ڪندا رهيو ڪاشڪي پاڻ کان پوءِ پنهنجو مثال ڇڏي ويا ۾
جنهن مان اسان کي ايترو ارمان نه ٿئي ها ۽ جڏهن امام صاحب جي وفات جي خبر
ٻڌاءِ انهين وقت چيائين ته هو نه مون کي امام صاحب جي ڪري زندگي ۾ خواه مرڻ کان پوءِ
عقوبت ۽ سزا ملندي

مخفي نه رهي ته امام صاحب جو زهر سان مارڻ جي ڪري روايت آهي ۽ ڪن ڪتابن
۾ آهي ته پنهنجي موت سان بيماري جي ڪري قيدخاني ۾ وفات ڪئي آهيس
۽ ڪن جو خيال آهي ته قيدخاني کان ٻاهر وفات ٿي آهيس مگر اصح قول هي آهي
ته حالت حبس ۾ وفات ڪئي آهيس باقي اها ڳالهه نه آهي ته زهر سان شهادت
ٿي آهيس يا پنهنجي مرض سان وفات ڪئي آهيس مگر انهن بزرگوارن جو بادشاهن
جي هٿان مار کاڌي ۽ انهن قسم قسم تڪليفون ۽ سختيون اٺڻ

## امام صاحب جي مزار شريف ۽ روضه پاڪ

امام صاحب جي مزار شريف هميشه زيارت گاهه خاص و عام ٿي رهي آهي سلطان
ملڪ شاهه سلجوقي جي زماني ۾ جو وڏو زبردست سلطنت وارو عادل ۽ فياض بادشاهه
ٿي گذريو آهي ابو سعد محمد بن منصور خوارزمي مستوفي الممالڪ جي
زير نگراني ۽ اهتمام سان سنه ٤٥٩ امام صاحب جي قبر تي نهايت وڏو عاليشان
قبو ٺهي تيار ٿيو ۽ انهي جي پاسي ۾ هڪڙي عمارت مدرسه جي تعمير ڪرائي وئي

دين جا سندس تعظيم ۽ تڪريم حياتي جي وقت جهڙي هميشه ملحوظ رکي آهي
۽ سندس قبر جي زيارت ادب ۽ اخلاص سان پڻ ڪئي آهي ۽ مشڪلات جي وقت
توسل انسان ڪيو آهي ۽ قضاء حاجات جي واسطي اها جاءِ ترياق الڪبر سمجهي
ويئي آهي جهڙي طرح اسانجو امام شافعي جڏهن بغداد ايندو هو تڏهن امام
صاحب جي زيارت تي ضرور ويندو هو ۽ انسان تبرڪ حاصل ڪندو هو ۽ چوندو
هو ته جڏهن مونکي ڪو مشڪل درپيش ايندو آهي تڏهن امام صاحب جي مزار شريف
تي وڃي ٻه رڪعتون نفل پڙهي دعا گهرندو آهيان ته اهو مشڪل بفضله تعاليٰ آسان
ٿيندو آهي - ۽ اڄ ڏينهن تائين بغداد ۾ سندن زيارتگاه مشهور معروف آهي
هي فقير جڏهن حضرت قبله گاهه جي همراه حج جي سفر تي وياسين تي تڏهن
بغداد ۾ حضرت امام صاحب جي مزار شريف جي زيارت کان مشرف ٿياسين جو سندن
وڏو عاليشان قبو بالڪل نئون ڪم ٿيل هو ۽ پاسي کان وڏي مسجد آباد هئي جنهن
وضو ڪري نفل پڙهيو ويو ۽ اسانکي سان معلوم ٿيو ته هي تازو ڪم مرمت ۽ صفائي جو
سلطان عبد الحميد خان ڪرايو آهي

حضرت شاه آغا مجددي

حقي ... حضرت شاه آغا مجددي
حضرت قبله گاهه حقي ... حضرت خواجه
محمد حسن جان مجددي

ابن ابي ليلي محمد بن عبدالرحمٰن بن ابي ليلى الانصاري الڪوفي وڏو فقيه عالم ۽ قاضي آهي ٣٣ سال ڪوفي جو قاضي ۽ مفتي ٿي رهيو آهي شعبي کان علم فقه جو حاصل ڪيو آهيس ۽ سفيان ثوري جهڙو هو. فقها ابن ابي ليلي وابن شبرمه سندس چوڻ آهي ته هڪڙي ڏينهن حضرت عطاء جي مجلس ۾ ويس ۽ مون کان مسئلا پڇيا ۽ حاضرين مجلس مان ڪنهن شخص عجب ورتو ۽ انڪار ڪيا ۽ تنهن تي عطاء چيو ته هو عالم مون يعني هو مون کان وڏو عالم آهي پوءِ ان آئون مسئلا پڇندس

ابن شريح

مسند خوارزمي ۾ انهين کان روايت آهي ته هڪڙي ڏينهن سندس مجلس ۾ ڪنهن ماڻهون امام صاحب تي طعنون هڻيون ۽ گلا ڪيا ۽ ابن شريح انهن تي غصو ڪري فرمايو ته او جاهل نادان لوڪ اهڙي امام جي حق ۾ طعنون ٿو ڪرين جو سڀني امت جا ٽي حصا علم جا انهين لاءِ تسليم ڪيا ويا آهن باقي هڪڙو حصو تنهن ۾ به هو ٻين سان شريڪ ۽ حصه دار آهي ۽ سڀ جو انهن لاءِ تسليم نٿو ڪري      حديقه ص ٩٦

ابن عتبه

جي قول ۾ اعتبار ۾ ڪو فرق آهي جو ڪي خدا تعالیٰ جلشانه جو جومون ۾ ڏنو
ڪنهن کي فضيلت ۽ تقویٰ ۽ ورع ۽ فقه ۾ زياده امام ابوحنيفه کان ۽ جمهور امت
محمدي جو سندس قول ۽ مذهب اختيار ڪرڻ سندس فضل ۽ شرف علمي ۽ عملي
جي ڪافي دليل آهي الخ توفي سنه ٢١٣ ۾ الخ سال ۾ خطيب بغدادي وفات ڪئي
جو سندس همعصر ۽ هم پايه محدث هو جي امام حافظ المشرق ۽ هو امام حافظ المغرب هو
ابوبڪر وراق محمد بن عمرو الترمذي عالم عارف ڪامل شيخ الطريقة صاحب
تصانيف منجهه علم فقه ۾ جي آهي مذهب حنفي رکندو     توفي سنه
ابو حامد لفاف احمد بن خضرويه البلخي المتوفي سنه ٢٤٠ خراسان جي وڏن اوليائن
۽ مشهور مشائخن مان آهي

اسرائيل بن يونس توفي سنه ١٦٠ ابو يوسف اسرائيل بن يونس بن اسحاق ڪوفي
محدث ثقه ۽ فقيه ڪامل هو. امام بخاري ۽ مسلم سندس حديثن روايت
ڪيون.

جي ڳالهه ٻڌائي آهي هئي انهيءَ جو مخالف اڄ ڏينهن سنڌ ۾ دلتي پيو هوندو مگر ڪامل
تحقيقات ڪرڻ کان پوءِ امام صاحب جي صداقت ۽ فضيلت ۽ ڪمالات علميه معلوم
ڪري پنهنجي خيالات کان رجوع ڪيائين ۽ امام صاحب جي تصديق ۽ تعريف ڪيائين
ظاهر آهي ته جو شخص اهڙي حيثيت سان تحقيقات ڪري پنهنجي خيالات ڦيرائي
ڪنهن شخص جي فضائل ۽ ڪمالات جو معترف ۽ قائل ٿئي اهو نهايت زبردست
تحقيقات ۽ زوردار دليلن جو نتيجو ۽ بنسبت انهن تعريف ۽ تصديق جي جا اصل
خوش اعتقادي ۽ موجوده حسن ظني تي مبني آهي زياده قوي ۽ قابل قبول ۽ اعتبار
آهي

بايزيد بسطامي شيخ المشائخ امام الاولياء طيفور بن عيسى

بشر حافي ابو نصر بشر بن الحرث الحافي زاهد عابد عارف ڪامل تارڪ الدنيا
مشهور اوليائن مان آهي سندس ورع ۽ زهد ۽ تقوى جون عجيب ڳالهيون

تذڪرة الاوليا